# قومي غلامي :
# قومي سوال
# يابيشكي سوال



خالق

# قومي غلامي:
# قومي سوال يا بينڪي سوال؟

مترجم ۽ مرتب
**خالق**

فڪر نو پبلشنگ هائوس ڪراچي
سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[اشاعت جا سڀ حق مترجم وٽ محفوظ]

پهرين اشاعت: جنوري ١٩٨٦ع    ڪاپيون: ١٠٠٠

قيمت: پندرهن رُپيا

(اداري جو پهريون ڪتاب)

فڪرِ نو پبلشنگ هائوس ڪراچي
سنڌ

www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

# انتساب

هي منهنجو پهريون ڪتاب آهي. اهو ان شخصيت
جي نظر ٿو ڪريان جنهن کان مون انسانيت ۽ آزاديءَ
جو پهريون سبق سکيو ۽ جنهن جي تعليمات جي نتيجي
۾ آءٌ ان قابل ٿي سگهيس ته هي ڪتاب پيش ڪري
سگهان. اها شخصيت آهي سائين جي.ايم سيد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪجهه ڪتاب بابت

سنڌ جي انقلاب کي ڪامياب بنائڻ لاءِ ضروري آهي ته اسان دنيا جي مختلف ملڪن جي انقلابي قومن ۽ تنظيمن جو مطالعو ڪريون ۽ انهن جي تجربي کي پنهنجي جدوجهد جي فائدي لاءِ استعمال ڪريون. جيئن ته اسان هن وقت سنڌ جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهيون، ان ڪري ڄاڻ جي ڏس ۾ آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ قومي تنظيمن جي موقف ۽ جدوجهد جي ڄاڻ وڌيڪ اهميت واري آهي، انهن منجهان به وري انهن جي ڄاڻ اڃا وڌيڪ اهميت واري آهي جيڪي هن وقت وڙهي رهيون آهن. جيتوڻيڪ سنڌ ۾ آزادي پسند قومن بابت ڪافي مواد آهي پر اهو زيادهتر انهن قومن جي باري ۾ آهي جيڪي آزادي حاصل ڪري چڪيون آهن. ٻن سببن جي ڪري غلام ملڪن جي معلومات اسان لاءِ وڌيڪ ڪارائتي آهي. هڪ ته آزاد قومن جو زيادهتر مواد اسان وٽ انهن جي آزاد ٿيڻ کانپوءِ پهتو آهي جڏهن ته غلام قومن بابت ڄاڻ اسان ان وقت حاصل ٿا ڪريون جڏهن هو اسان وانگر ئي غلاميءَ جي دور مان گذري رهيون آهن. ٻيو ته سائنس جي تيز رفتار ترقيءَ سبب دنيا مجموعي طور تيزيءَ سان سفر ٿي ڪري. ان ڪري آزادي حاصل ڪيل قومن جي جدوجهد وقت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1962 ۾ ايٿوپيا ان ڪنفيڊريشن جي مٿي پليٽ ڪندي ايريٽريا کي ايٿوپيا جو صوبو بڻائي ڇڏيو. تڏهن ايريٽريا ۾ جاري سياسي جدوجهد هٿياربند جدوجهد جي شڪل اختيار ڪئي جيڪا اڄ ڏينهن تائين جاري آهي. ان جدوجهد جي اڳواڻي ايريٽرين پيپلز لبريشن فرنٽ ڪري رهيو آهي. ان سان وابسته شاگردن ۽ عورتن جون امريڪا ۾ تنظيمون آهن. انهن امريڪا ۾ رهندڙ ايٿوپيائي مارڪسسٽ شاگردن پاران ايريٽريا جي آزاديءَ خلاف ڏنل دليلن جي جواب ۾ پنهنجو موقف هڪ ٿيسز جي صورت ۾ پيش ڪيو. اسان هت ان جا ٻه اهم باب پيش ڪري رهيا آهيون.

— خالق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سبق —

## ٻيڪي قبضي جو هڪ نمونو

هيءَ دنيا ڪن وقتي حڪمن ذريعي نه پر هڪ فطري قانون ۽ فطري عمل هيٺ حرڪت ۾ آهي ۽ اهو قانون ٻڌائي ٿو ته دنيا هميشه بهتريءَ ڏانهن سفر ڪندڙ آهي. سماجي سائنس جي استادن ان سفر جو جيڪو رستو متعين ڪيو آهي ان جا مکيه مرحلا هي آهن. غلامي، جاگيرداري، سرمائيداري ۽ سوشلزم. انهن سماجي استادن جي دور ۾ دنيا تي سرمائيداري غالب هئي ۽ دنيا جي ترقي ڪرڻ سبب ان بابت وڌيڪ ۽ مختلف قسمن جي معلومات موجود هئي تنهن ڪري هنن سرمائيداريءَ جي ڪردار جي وڌيڪ ڇنڊ ڇاڻ ڪئي ۽ ان جي مخصوص وقت ۾ غالب خصوصيت جي لحاظ سان ان کي وري ٽن دورن ۾ ورهايو.

1— سرمائي گڏ ٿيڻ جو شروعاتي دور.
Period of Primary accumulation of capitalism

2— هڪ هٽيءَ کان اڳ جي سرمائيداريءَ جو دور
Period of Pre-Monopoly Capitalism

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري اسانجي نظر ۾ سنڌ جو سوال ڪلاسيڪل مفهوم ۾ بيٺڪي سوال آهي.

سنڌ صدين کان وٺي دنيا جي نقشي تي هڪ عليحده ملڪ رهيو آهي. ڪڏهن غلام ته ڪڏهن آزاد پر ان جي ملڪي حيثيت پوري دنيا ۾ مسلم رهي آهي. 1843 ۾ جڏهن انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو ان وقت به سنڌ جي حيثيت هڪ ملڪ واري هئي ۽ انگريزن پنهنجي بيٺڪ مفادن خاطر ان کي پنهنجي وسيع هندستاني شهنشاهيت جو صوبو بڻائي ڇڏيو. سنڌين پنهنجي ماضيءَ جي سهورين روايتن جي ابتڙ انگريز قبضي خلاف ڪا نمايان جدوجهد ڪانه ڪئي (ان جي سببن تي هڪ الڳ موضوع تحت ڳالهه ڪري سگهجي ٿو) جنهن انگريزن جي دل وڌائي ڇڏي ۽ هنن سنڌ جي صوبائي حيثيت به ختم ڪري ان کي بمبئي جو هڪ انتظامي حصو بڻائي ڇڏيو. اڳتي هلي جڏهن سڄي ننڍي کنڊ ۾ انگريزن خلاف آزاديءَ جي جدوجهد هلي ته سنڌين جي پنهنجي عليحده عوامي تنظيم نه هجڻ ڪري اهي سنڌ جي عليحده قومي ۽ ملڪي حيثيت ۽ ان جي آزاديءَ واري تاريخي ۽ سياسي طور ناقابل تنسيخ حق جي ڪيس کي ڀرپور نموني پيش نه ڪري سگهيا. ٻئي طرف انگريزن پنهنجي ڊگهي دور حڪومت دوران ننڍي کنڊ ۾ پنهنجي وفادار چيلن جو هڪ حلقو پيدا ڪيو ۽ انهن کي ڪٿي وقت ۾ استعمال ڪرڻ لاءِ تاڙي پالي تيار ڪيو ۽

پر ان ۾ ”صوبائي خودمختياري“ بابت شقون جيئن جو تيئن برقرار آهن ۽ اسانجي خيال ۾ اهوئي سبب آهي جو آئين کي ختم نہ ڪيو ويو تہ جيئن ماڻهن کي ڏوڪو ڏيئي سگهجي تہ ”صوبن“ کي انهن جي مرضيءَ مطابق اختيار ڏنل آهن.

هن خطي جي سياسي تاريخ جي ان مختصر جائزي مان اهو صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ سنڌ تي پنجاب جو سامراجي قبضو آهي، سنڌ بيٺڪ آهي ۽ ان جو بيٺڪي اختيار انگريزن کان پنجابين جي هٿن ۾ منتقل ٿي چڪو آهي. تنهنڪري سماج کي اڳين مرحلي ڏانهن وٺي وڃڻ لاءِ يعني سوشلزم جي مقصد ڏانهن وڌڻ لاءِ ضروري آهي تہ سرمايہداريءَ جي بدترين صورت سامراج کي تباهہ ڪيو وڃي. سنڌ تان پنجاب جو بيٺڪي قبضو ختم ڪيو وڃي ۽ سنڌ جي قومي آزادي بحال ڪئي وڃي.

سنڌ جي بيٺڪ ۽ پنجاب جي بيٺڪي ملڪ هئڻ جي خلاف اهي ”ڪاٻا“ دوست جيڪي دليل ڏين اهي ۽ انهن جو مختصر جواب هيٺينءَ ريت آهي.

پهريون تہ سامراجي ملڪ ترقي يافتہ هوندا آهن پر پنجاب خود ترقي پذير آهي تنهنڪري سامراجي بيٺڪي ملڪ ٿي نہ ٿو سگهي. ان جو جواب هي آهي تہ پرتگال پاڻ غير ترقي يافتہ بلڪہ برطانيہ جي نيم بيٺڪ هئو پر پوءِ بہ اهو بيٺڪي ملڪ هئو ۽ انگولا، موزمبيق ۽ گني بساؤ ۽ ڪيپ ورڊي بيٺڪون هيون.

## انٽرويو

### بلوچستان پيپلز لبريشن فرنٽ جو نمائندو مرادخان

### انٽرويو ڪندڙ: ريمنڊنوٽ

پاڪستان ۾ "قومي سوال" جي تاريخ ۾ پاڪستان اندر موجوده بلوچ تحريڪ جي بنيادن بابت مرادخان کان هيٺيون انٽرويو برسهاز ۾ رهندڙ بيلجم جي هڪ صحافي ريمنڊ نوٽ ورتو. مرادخان بلوچستان پيپلز لبريشن فرنٽ (B P L F) جو هڪ نمائندو آهي. انٽرويو جنوري 1980 ۾ ترڪيءَ جي شهر استنبول ۾ ورتو ويو.

ريمنڊ نوٽ: اهو مناسب نہ ٿيندو تہ اسين (گفتگوءَ) شروعات پاڪستان جي موجوده بحران جي پس منظر ۾ بلوچ تحريڪ جي نشونما جي جائزي وٺڻ سان ڪريون؟ ان جي تاريخ ۾ ڪهڙا اهم مرحلا آيا ۽ ٽڪراءَ جي تازهہ ترين دور جا ڪارڻ ڪهڙا آهن؟.

مرادخان: پاڪستان جي رياست کي وجود ۾ آڻڻ ذريعي مختلف قومن تي، سندن رضامندي کان بغير هڪ مخصوص قسم جي حڪومت زبردستي مڙهي ويئي. هڪ ٻي ڳڪ سان اتان جي عوام جي هڪ جداگانہ قوميت طور وجود بلڪہ وجود جي حق کي ئي ختم ڪيو ويو. ان سان قومي سوال کي هڪ تڪڙو ۽ زوردار آڌار مليو. آءٌ پنهنجي مقصد کي ٿورو وڌيڪ وضاحت سان پيش ڪرڻ چاهيندس. نئين وجود ۾ آيل پاڪستاني رياست ڏانهن مختلف قومين جي ردعمل جو تعين انهن منجهان هر هڪ جي معروضي سماجي ۽ اقتصادي حالتن ڪيو ٿي. مثال طور بنگال آهي. بنگالين جي ثقافت ۽ باقي پاڪستان جي ثقافت ۾ نمايان فرق هئو، تنهنڪري اتي قومي جدوجهد سڀ کان پهريائين ثقافتي ميدان ۾ پنهنجو اظهار ڪيو. اوڀر بنگال ۾ هلايل ٻوليءَ

نموني هئن انگريز ڪوشش ڪي منهن ڏنو هئو. بلوچستان تي ڪنٽرول حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ پاڪستاني رياست اهڙن علائقن ۾ پهچايا منتظم موڪليا جن ان وقت تائين قبائلي نظام اندر ڪوبه ڌاريو انتظام نه ڏٺو هئو. مزاحمتي جدوجهد فوري طور هن علائقي تي تسلط حاصل ڪرڻ جي فوجي ڪوشش خلاف قبائلي مخالفت جو روپ اختيار ڪري ورتو. اها مخالفت اڄ اسان جي نظر ۾ طبقاتي جدوجهد جي اظهار جي حيثيت رکي ٿي. چاڪاڻ ته ڏسڻو اهو آهي ته بلوچ قبيلن اڳيان پاڪستان رياست جي ڪهڙي حيثيت هئي؟ اها هڪ بلڪل نئين سماجي ۽ اقتصادي نظام جي نمائندگي ڪري رهي هئي. جيڪو سرمايهداري ۽ جاگيرداري تي ٻڌل هئو. خودرو نموني ڪٿي ان ڪهڙو به روپ اختيار ڪيو هجي. قبائلي مزاحمت درحقيقت سرمايهداري کي ۽ (معاشيات ۾ جاگيرداري ۽ جي اڃا تائين باقي اثرات کي رد ڪرڻ جي جدوجهد هئي.

ريمنڊنوٽ: مُزاحمت جي سڀ کان پهرين اهڃاڻن جو اظهار ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿيو؟

مرادخان: مزاحمت سڀ کان پهريائين قلات جي آسپاس ۾ جنم ورتو جتي پاڪستان جي آڏو برطانوي ڇڏيل جي ڇڏيل غيريقيني ۽ کي ختم ڪرڻ جو مقصد هئو. اها غيريقيني قلات ۾ نامنهاد ”نيم-خودمختياري“ جو مسئلو هئي. قانوني نقطهنگاهه کان برطانوي بلوچستان

ٿي ڳنڍي.

ريمنڊ نوٽ: آءٌ هينئر وري پنجاھ واري ڏهاڪي جي شروعاتي دور ڏانهن موٽندس ۽ ان وقت بلوچ نيشنلزم جي عمل جو جائزو وٺڻ جي ڪوشش ڪندس. اسان (صورتحال جو) عمومي نقشو چٽي چڪا آهيون، هينئر اسانکي تفصيلن جي ضرورت آهي.

مراد خان: 1948 ۽ 1958 جي وچ واري عرصي ۾ پاڪستاني حڪومت ۽ خان قلات سودي بازي ۽ مقابلي بازي جي هڪ راند شروع ڪري ڏني. خان قلات جي خواهش (ڪوشش) هئي ته (ڪنهن طريقي سان) پنهنجو مرتبو وڌائي ۽ پوءِ ان کي پاڪستاني رياست اندر پنهنجي ذات لاءِ جيترو ٿي سگهي وڌڪان وڌ (فائدو) حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪري. هن اهڙن بلوچ قبيلن کي پنهنجي زير اثر آڻڻ جي ڪوشش ڪئي جن سي اڳ ۾ هن جو ڪوبہ اثر ڪونہ هئو. ان صورتحال طبقاتي جدوجهد لاءِ سڀ ڪان پهرين دروازو کوليو. نہ رڳو پاڪستاني رياست جي سلسلي ۾ پر خود بلوچستان جي اندر پڻ- بلوچ قبيلن قلات جي قيادت جي ڪمزورين ۽ پاڪستاني رياست سان ناقابل شرطن تي سوديبازي ڪرڻ لاءِ سندس خواهش کي سمجهي ورتو. پنهنجي علائقي کان ٻاهر اثر مسلط ڪرڻ جون قلات قيادت جون ڪوششون قبيلن جي مروج خود مختياريءَ جي خلاف هيون. اهو واضح ٿي ويو تہ خان قلات ۽ بلوچ جاگيردار

ٽولي کي اقتدار ۾ آندو. جيڪو پاڪستاني معيشت کي مڪمل طور مرڪز جي ڪنٽرول ۾ آڻڻ تي سندرو ٻڌيو بيٺو هو، ان لاءِ هن مختلف قوميتن وچ ۾ امتياز جي واحد علامت صوبائي سرحدن کي به ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، اهو ”ون يونٽ“ جو نظام هئو جيڪو هنن ان وقت مسلط ڪيو. پاڪستاني رياست (جي ڪارندن) جو انداز فڪر (ان وقت) اهو هئو ته بلوچ جاگيردار ڪلاس سان ڏي وٺ جو خيال ترڪ ڪري سختيءَ کان ڪم وٺجي ۽ قومي مارڪيٽ کي طاقت جي زور تي مستحڪم ڪيو وڃي. تنهنڪري خان جي گرفتاري ۽ ايوب Coupd'etal کي اتفاقي عمل ڪونه هئا. بلڪه انهن جي وچ ۾ هڪ سوچيل سمجهيل لاڳاپو هو.

ريمنڊ نوٽ: خان جي گرفتاري ۽ ملٽري (Coup) ڪانپوءِ شروع ٿيندڙ بغاوت جي دور جي شروعات ڪنهن ڪئي؟

مراد خان: 1958 جي انهيءَ ماجراڪان يڪدم پوءِ جن قبائلي جٿن سڀ کان پهرين بغاوت جو علم بلند ڪيو، انهن جي قيادت نوروز خان ڪري رهيو هئو. نوروز خان بلوچستان جي خودمختيار حصي جي هڪ قبائلي سردار جو هڪ روايتي نمائندو هئو. اهي قبيلا اهي آهن جيڪي ڪڏهن به مڪمل طور قلات رياست يا برطانيه جي بيٺڪي نظام جي تسلط هيٺ ڪونه آيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرم خان ۽ دودا خان جي قتلن جي ردعمل ۾ مرڪزي حڪومت 1963_64 دوران پنهنجون ڏهه هزار فوجون علائقي ۾ موڪليون. اهو عرصو هئو جڏهن شيرمحمد مريءَ کي اها تاريخي مشهوري ملي. پاڪستاني فوج ڪڏهن به ڪا وڏي ڪاميابي حاصل ڪري نه سگهي. گوريلا تحريڪ پنهنجي صلاحيتن ۾ اضافو ڪندي رهي ۽ منجهس بهتر تنظيم جا واضح رجحان نظر اچڻ لڳا. پر سڀ کان اهم ڳالهه اها ٿي ته شيرمحمد مريءَ جي جبلن ڏانهن وڃڻ کانپوءِ شهرن جي بلوچ نوجوانن وڏي تعداد ۾ سندس پوڏواري ڪرڻ شروع ڪئي. ان جي نتيجي ۾ بي-پي-ايل-ايف جو مڪمل ڍانچو جنم وٺي لڳو. بلوچستان جي (عام) ترقي پسند تحريڪ ۽ پهاڙي علائقن جي گوريلا مزاحمت جي وچ ۾ هڪڙو اتحاد وجود وٺي رهيو هئو. اهو سلسلو 1963 کانوٺي اڄ ڏينهن تائين جاري آهي.

ريمنڊ نوٽ: اسان 1970 وارين چونڊن جي ذڪر ڏانهن واپس ٿا اچون. توهان ان وقت نعپ سان (توهانجي) اتحاد جي بنيادن جي وضاحت ڪرڻ پسند ڪندؤ؟

مراد خان: ان وقت اسانجو نعپ سان هڪ اصولي اتحاد هئو. نعپ پاڪستان جي واحد پارليماني پارٽي هئي جنهن پاڪستان کي 'گهڻ قومي رياست' تي سمجهيو. بلوچستان ۾ ان جي اڳواڻن جون همدرديون دبلوچي تحريڪ جي عام ڌاري سان هيون. پر اسان

صورتحال ۾ گهرڙيل ، هئو، اهو هن معنيٰ ۾ ته هٿياربند جدوجهد لاءِ فوجي جنتا خلاف جوابي ڪارروائي ڪرڻ جو اهو بهترين موقعو هئو. پاڪستاني فوج تمام ڪمزور حالت ۾ هئي پر سياسي ميدان ۾ اسانجون مشڪلاتون تمام سنگين هيون. نعپ ان نازڪ مرحلي تي مڪمل خاموشي اختيار ڪئي، جيڪا فاشسٽ حڪومت بنگالي قوم تي ان جي ظلم جي حمايت جي مترادف هئي. اسان ان صورتحال ۾ اهو سوچيو ته جيڪڏهن اسان بلوچستان ۾ گوريلا ڪارروايون شروع ڪيون ته اسان کي مغربي پاڪستان اندر تخريبڪار چئي الڳ ٿلڳ ڪيو ويندو. اهڙيءَ ريت پاڪستان جي ٻين مظلوم قومن ۽ طبقن سان اسانجو سياسي اتحاد ڪمزور ٿئي ها. ٻئي جي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جنهن نيشنل شاونزم کي اڀاريو تنهن خاص ڪري سنڌ ۽ پنجاب جي عوام جو توجهه (اصلي مسئلي کان) هٽائي ڇڏيو. ان مرحلي تي بلوچستان جي مسلح تحريڪ طرفان بنگلاديش جي جدوجهد آزاديءَ جي هٿياربند جدوجهد جي صورت ۾ حمايت جا سياسي سطح تي سنگين نتيجا نڪرن ها. تنهنڪري اسان وقت جو انتظار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

ڀٽي جي اقتدار ۾ اچڻ اسانجي اصلي منصوبن کي تبديل ڪري ڇڏيو. نعپ ڀٽي سان ڳالهيون ڪري هڪ دفعو وري موقعي پرستيءَ جو اظهار ڪيو. اسان جي خيال ۾ ڀٽي جي حڪومت پاڪستان کي وڏيڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنو. ان جو انتها پسند ڌڙو بي پي-ايل-ايف جي موقف کي وڏيڪ ويجهو آيو. نعپ جي شدت پسندن جي اڪثريت ان وقت جيل ۾ هئي. جيڪي آزاد هئا اهي بي-پي-ايل-ايف جي حمايت ڪرڻ لڳا.

ريمنڊ نوٽ: توهان نعپ يا اڄ جي پاڪستان ۾ ان جي جانشين تنظيم نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي ڪردار کي ڪيئن پيش ڪندؤ؟

مراد خان: جڏهن پٺتي بلوچستان ۾ نعپ جي حڪومت کي برطرف ڪيو، ۽ صوبـي سرحد ۾ نعپ حڪومت احتجاجاً استعفيٰ ڏني، ته بلوچ عوام ۽ بي-پي-ايل-ايف ان برطرفيءَ کي بلوچ قوم جي قومي غيرت تي حملو تصور ڪيو. 1970 وارين چونڊن پهريون دفعو بلوچ قوم کي پنهنجا نمائندا چونڊڻ جو موقعو فراهم ڪيو. بلوچ عوام نعپ کي تمام وڏي اڪثريت سان ڪامياب ڪرايو. ان چونڊيل حڪومت ڪـي هٽائڻ تي جيڪو رد-عمل (يا غصو) پيدا ٿيو ته ان جو ڪارڻ عوام جو قوم پرستانه جذبو هو. نعپ حڪومت، سندن قومي حقن لاءِ بلوچ قوم جي جدوجهد جي رکيو هڪڙي رخ جـي نمائندگي تـي ڪئي. انهن ٻـن حڪومت جـي آئيني ۽ جمهوري حيثيت بحال ڪـرڻ جو مطالبو ڪيو.

ان وچ ۾ پٺتي جمهوري حقن جي گهر ڪندڙ بلوچ عوام (جي جدوجهد) جو جواب فوجي ڪارروائيءَ ذريعي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نازڪ موڙ تي پاڪستاني رياست سان تعاون ڪيو آهي،
جيئن بنگلاديش جي بحران وقت، بنگلاديش جي موقف
(يا تباه ڪن) وانعن به پاڪستاني ڪميونسٽن جي رويي
۾ ڪنهن قسم جي تبديلي ڪانه آندي آهي. پاڪستان
۾ ڪميونسٽ تحريڪ جي ڪمزوريءَ جو واسطو بنيادي
طور ان جي Ethnic جوڙجڪ سان آهي.

ڪراچيءَ جي ڪميونسٽ حلقي جو وڏو حصو
Ethnic طور انهن ماڻهن تي مشتمل آهي جيڪي
هندستان کان لڏي آيا ۽ جن کي 'مهاجر' ٿو سڏجي.
پنجاب ۾ صورتحال ٿورڙي مختلف آهي. غالب قوميت
هئڻ جي حيثيت ۾ پاڪستان ۾ قوميتن (جي مسئلي)
ڏانهن انهن جي نظرياتي سوچ تي سندن شاونزم مڪمل
طور ڇانيل آهي. تنهڪري ڪميونسٽ تحريڪ جي
انهن پنهي ڌارن (لاڙن) قومي سوال کي نظرانداز ڪري
ڪري ڇڏيو آهي، جڏهن ته پشتونستان (NWFP) ۽
بلوچستان ۾ قومي تحريڪ ترقي پسند رخ ۾ اڳتي
وڌي رهي آهي. جيستائين سنڌ جو تعلق آهي ته اتي
جي (Left) کاٻي ڌر تي به تقريباً ساڳين نظرياتي لاڙن
جو غلبو آهي، جهڙو باقي ملڪ ۾ اهي (کاٻي ڌر
جون) پارٽيون اڪثر ڪري قومي سوال جي ڪنهن
بامقصد تجزيي کان لنواڏيندڙيون رهيون آهن.

1968 کانپوءِ پاڪستان ۾ سياسي عمل مسلسل ترقي
ڪري رهيو آهي جنهن صورتحال کي انقلابي تحريڪ

ڳالهه ڌا ڪن. سندن حلقه اثر محدود. هئڻ ڪري، انهن جون روزمره جون جدوجهدون پاڪستان ۾ انقلابي (جدوجهد جي) پيش رفت جي ضرورتن کان بلڪل وانجهيل هونديون آهن. سنڌ ۾ هڻ هنڌن تي جاگيردارانه استحصال ۽ ظلم کي ڏسندي هارين سان ڳنڍجڻ ۾ سندن ناڪامي نهايت حيرت انگيز آهي. نتيجي طور پاڪستان ۾ ڪابه قابل ذڪر هاري تحريڪ نه هلي آهي.

ريمنڊ نوٽ: ان صورت ۾ توهان سنڌي (سنڌ جي) هاري تحريڪ جو تعين ڪيئن ڪندؤ؟

مرادخان: هتي به هاري تحريڪ جو سمورو تصور اهڙو آهي جيڪو مشيني انداز ۾ ٻاهران مسلط ڪيو ٿو وڃي. اصل ۾ اهو ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا جو ايجاد ڪيل تصور آهي.

ان جو بنياد ان خيال تي رکيل آهي ته هاري ڪميٽيون ٺاهڻ هاري تنظيم جو نقطه عروج آهي. پر پاڪستان ۾ انهن هاري ڪميٽين جو رکيو بنياد به ڪوڙ ناهي. اهي بنيادي طور ڀرپاسي جي شهرن ۾ ٺاهيون ٿيون وڃن جن ۾ وڏي اڪثريت وچولي ۽ متاهين هاري جي هوندي آهي. انهن ڪميٽين بي زمين هارين جي بنيادي مسئلي کي ته هٿ ئي نه لاتو آهي. حقيقت ۾ انهن کي پاڪستان ۾ هاري تحريڪ جي تاريخ جي سمجهه ئي ڪانهي جنهن ۾ بي زمين هارين تمام اهم رول ادا ڪيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خانہبدوش (قبائلي) سماج سان لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

نئين کنڊ جي ڪميونسٽ تحريڪ اندر موجود عام مسئلن منجهان هڪڙو (ڪلچر) جي اهميت کي گهٽائي پيش ڪرڻ وارو رجحان بہ آهي. ان (ڪميونسٽ تحريڪ) ڪڏهن بہ اسانجي سماجن ۾ ڪلچر جي رول جو هڪ گهرو تجزيو نہ ڪيو آهي. اسان سمجهون ٿا تہ اسانجي سياسي، اقتصادي ۽ سماجي زندگيءَ ۾ ثقافت جو هڪ نهايت طاقتور رول آهي. ڪميونسٽ تحريڪ مذهب جي تصور کي پڻ غلط نموني سمجهيو آهي. هنن اهو طئي ڪري ڇڏيو آهي تہ پاڪستان جهڙي ملڪ ۾ سوشلزم جي راهہ ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ اسلام آهي. جيئن تہ ڪميونسٽ تحريڪ جي مارڪسزم جي مطالعي جو بنياد مغربي تعليمات آهن تنهنڪري اها اسلام ۽ ڪلچر جي مجموعي رول بابت ڪو ٺوس تجزيو پيش نہ ڪري سگهي آهي. اسلام جي بلڪل خيالي تصوير پيش ڪن ٿا ۽ سندن خيال ۾ اهڙي انقلاب جي رستي ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي. ڪميونسٽ تحريڪ بلوچستان ۾ انقلابي تبديليءَ بابت سوچيوئي ناهي ڇو تہ سندن خيال ۾ اسلام ۽ قبائليت ناقابل تسخير رڪاوٽون آهن.

خود پنهنجي ثقافتن سان ڳنڍجڻ ۾ هنن جي نااهلي خطرناڪ حد تائين وڌيل آهي- سامراجي ۽ بيٺڪي ثقافت جي زير اثر شهري سماج ۾ موجود پيٽي بورزوا ماحول

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسانجا "ترقي پسند" پاڻکي سياسي طور زنده رکڻ لاءِ مسلسل اهڙين شخصيتن جي پٺيان لڳندا رهيا آهن جن بلڪل تصوراتي انداز ۾ سامراج جي مسئلي تي هڪ اڌ رعايت ڏيڻ تي آمادگي ڏيکاري آهي، پوءِ اهو ڪٺي پٺو هجي يا ولي خان. انڪري اڄ پٺتي ڪان بغير پٺو (حامي) قوتن کي موجوده فوجي آمريت جي واحد متبادل طور پيش ڪيو ٿو وڃي. اها اسانجي ڪميونسٽ تحريڪ جي ڪنگالپڻي جي علامت آهي.

ريڊنڊنوٽ: توهانجي جدوجهد جي نمايان خصوصيت ڪهڙي آهي؟

مرادخان: بي-پي-ايل-ايف جو طريقڪار ٻين قومي آزاديءَ جي تحريڪن کان مختلف آهي. اسان وٽ روزمره جي معاملن کي هلائڻ لاءِ ڪي به نام نهاد نظرياتي اسڪول يا نظرياتي نعرا ڪونهن. اسان پاڻکي ڪنهن روايتي، قومي آزاديءَ جي تحريڪ يا ڪنهن انقلابي تحريڪ جو عڪس نه بڻايو آهي. بي-پي-ايل-ايف بلوچستان جي اندران ۽ ٻاهران بلڪل مختلف سماجي ماحول سان واسطو رکندڙ ماڻهن کي گڏ ڪيو آهي جيڪي نهايت جمهوري انداز ۾ ڪم ڪري رهيا آهن.

اسانجي قبائلي سماج ۾ روايت جو عنصر تمام اهم آهي. جيئن توهان ڄاڻو ٿا بلوچي ڪا لکيل زبان به ڪانهي تنهنڪري اسانکي پنهنجي زباني روايتن جو سهارو وٺڻو ٿو پوي. اسانجي قبائلي ڍانچي ۾ توهانکي

ڪهڙو هئو؟

مرزا خان: ان جو بنياد ان تصور تي رکيل هئو ته نه رڳو مشرقي پاڪستان پر پوري پاڪستان هڪ نيم جاگيردار سوسائٽي هئو. هنن طبقاتي اتحاد بابت نه رڳو بنگلاديش (مشرقي پاڪستان) پر پوري پاڪستان جي پس منظر ۾ ئي سوچيو. تنهنڪري هو بنگلاديش جي قومي جدوجهد کان مڪمل طور لاپرواه رهيا. هنن ئي سمجهيو ته طبقاتي اتحاد خود بنگلاديش اندر به قدم ئي سگهي ٿو. سندن انقلاب جو نظريو هڪ آل پاڪستان سطح جي انقلاب تي ٻڌل هئو جنهن کي درست ثابت ڪرڻ لاءِ هنن نيم جاگيرداريءَ جي تصور کي مغربي پاڪستان جي سلسلي ۾ پڻ لاڳو ڪيو. پيڪنگ سان مائوئسٽ وفاداريءَ سبب ۽ پيڪنگ جي پاڪستان جي فوجي نوڪرشاهيءَ لاءِ حمايت سبب پاڪستاني مائوئسٽن مشرقي پاڪستان ۾ هڪ تمام غير انقلابي ۽ غدارانه ڪردار ادا ڪيو آهي.

ريمنڊ نوٽ: آءٌ انهن مان ڪجهه نظرياتي سوال ورجي ڪٽيندس جن تي پاڻ اڳ ۾ ڳالهائي آيا آهيون. توهان چيو ته قومي رياست جو سوال جهڙي نموني مارڪس ۽ لينن جي وقت کانوڻي اڄ ڏينهن تائين پيش ڪيو ٿو وڃي، اڄ ان جي ترتيب ۾ ٽين دنيا جي جديد بيٺڪي صورتحال کي مدنظر رکڻ کپي. آءٌ چاهيندس ته توهان 'قومي سوال' کي اڄ ڏينهن تائين ڪيئن پيش ڪيو

ويو آهي ان بابت پنهنجي راءِ ڏيو ۽ پڻ ته ٽين دنيا جي موجوده صورتحال جي روشنيءَ ۾ بي-پي-ايل-ايف ان جي نئين سر ترتيب لاءِ ڪهڙيون تجويزون پيش ڪرڻ گهري ٿو؟

مراد خان: اسانجي رويي جو تعين ڪندڙ سڀ کان پهرين ۽ اهم اها حقيقت آهي ته پاڪستان جي سلسلي ۾ پاڪستاني ڪميونسٽ تحريڪ 'قومي سوال' بابت پراڻي ليننی نظريي کي ڏسي رد ڪري ڇڏيو آهي. پاڪستاني ڪميونسٽ تحريڪ پنهنجي وجود لاءِ پاڪستاني رياست جي وجود جي ٿوراڻتي آهي ڇاڪاڻ ته اها هندستاني ڪميونسٽ پارٽيءَ کي ۾ حصا ڪرڻ جي نتيجي ۾ ٿهي. نئين حڪومت کي منهن ڏيڻ لاءِ مسلم ڪامريڊن کي سرحد پار موڪليو ويو. ڪميونسٽ تحريڪ طرفان پاڪستاني رياست جي نظرياتي ترتيب کي تسليم ڪرڻ جو مطلب اهو هئو ته قومن بابت ۽ مظلوم قومن جي قومي خود اختياريءَ جي حق بابت ليننی اصول کي رد ڪيو ويو. ان ڪري بلوچستان جي سلسلي ۾ نظرياتي ميدان تي اسانکي نهايت سنگين مسئلي کي منهن ڏيڻو پيو. سڀ کان پهرياڻين ته اسان کي خود اهو تسليم ڪرائڻو هئو ته ليننی اصول اڄا ڪارگر هئو. پاڪستاني ڪميونسٽن ورهاڱي کي برطانوي سامراج پاران سندن بيٺڪي مقصدن کي فروغ ڏيڻ جي ڪوشش بجاءِ هڪ اهڙي تاريخي عمل طور تسليم ڪيو

جنهن هڪ بلڪل نئين 'مسلم رياست' کي جنم ڏنو. هن مسلم قوم جي وجود کي تسليم ڪيو ۽ اهڙيءَ ريت ان جي پٺيان محرڪ نظريي 'نظريهءِ پاڪستان' کي پڙ.

ريمنڊ نوٽ: ان جو مطلب ته نظرياتي ميدان ۾ ڏوهانجو مقصد پاڪستان جي ترقي پسند تحريڪ اندر ليننني اصول ۽ وصف کي تسليم ڪرائڻو هو؟

مراد خان: ها، پر اسانجو مقصد رڳو قوم جي ليننني تعريف تائين محدود ڪونه هئو. ليننني اصول اسان لاءِ رڳو تيستائين ڪارگر هئو جيستائين آن ان مسئلي کي منظر تي آندو ٿي ته پاڪستان ۾ هڪ کان وڌيڪ قوميتون رهن ٿيون. پاڪستان ۾ هڪ کان وڌيڪ قوميتن جو خيال ئي خود رياست مخالف جدوجهد جو حصو هئو. اهو قوميت بابت رياست جي ان تصور سان سنئون سڌو ٽڪراءُ ۾ هئو جنهن جو بنياد مڪمل طور اسلام تي ۽ صرف هڪ قوم پاڪستاني قوم جي تصور تي رکيل هئو.

اسان ان نظرياتي تحريڪ جو حصو هئاسين جنهن پاڪستان کي هڪ اهڙي تاريخي حقيقت طور تسليم ڪرائڻ ٿي چاهيو جيڪا انگريز سامراج جي برصغير خالي ڪرائڻ جي نتيجي ۾ وجود ۾ آئي. ساڳئي وقت اسانکي ان حقيقت کي سمجهڻو هئو ته اها قوم يعني اها نئين رياست ڪا 'هڪ قومي رياست' ڪانه هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃي، ان مرحلي تي پهچي اسان محسوس ڪريون ٿا ته لينن جو جديد استعمال ان ناقابل منتقلي حق جو اطمينان بخش (جواب) حل ناهي.

قومي خود اختياريءَ جو سمورو معاملو، جهڙي نموني لينن ان کي پيش ڪيو، ان وقت پيدا ٿيو جڏهن بيئڪيٽ دشمن جدوجهد سبب ڪان اهم هٿيار هئي جنهن کي سوويت يونين جي سوشلسٽ انقلاب ٽين دنيا جي سوال جي سلسلي ۾ استعمال ڪيو- ان انهن علائقن ۾ قومي خود اختياريءَ جي حق جي حمايت ڪئي جن تي پراڻن بيئڪي طاقتن جو سڌو ڪنٽرول هئو. ان مان اسانجي لاءِ بلوچستان (جي صورتحال) جي باري ۾ اشارا ملن ٿا. اسانجي راءِ ۾ بلوچستان ۾ پاڪستان جي جي حيثيت نئين بيئڪي طاقت واري آهي پر لينن جي پڌايل سامراج بابت عالمي اصول مطابق ان (پاڪستان) جي ان حيثيت کي ٿٿو مڃيو وڃي، ۽ اهڙيءَ ريت بلوچستان جي سلسلي ۾ قومي سوال جي مسئلي کي وڌيڪ منجهايو ٿو وڃي.

ريمنڊ نوٽ: ته پوءِ اهڙي دور ۾، جڏهن ٽين دنيا جي اڪثر ملڪن رسمي آزادي حاصل ڪري ورتي آهي، قومي سوال کي ڪيئن پيش ڪرڻ کپي؟

مراد خان: بيئڪيٽ جي رسمي طور ٽٽڻ واري عمل جي نتيجي ۾ ڪيترين نام نهاد آزاد رياستون وجود ۾ آيون آهن. هاڻي جيڪڏهن انهن رياستن اندر عملي

تي ٻڌل آهي. پاڪستاني رياست هڪ جاگيردارانه، سرمايه دارانه رياست آهي جيڪا بين الاقوامي سامراج سان مڪمل طور ڳنڍيل آهي. تنهن ڪري لازمي طور، اسان کي ان رياست کي تباهه ڪرڻ کپي. رڳو فوجي ميدان ۾ ئي (ڊسجي نه) بلوچستان جي آزادي تيستائين ناممڪن نظر ٿي اچي جيستائين پاڪستان جا فوجي ادارا مڪمل طور تباهه نٿا ٿين. فوجي ميدان ۾ طاقت جو توازن اسان جي خلاف آهي. تنهن ڪري اسان جيڪڏهن گوريلا تحريڪ (شروع ڪرڻ) جي حمايت ڪريون ٿا ته اسانکي ڊگهي عوامي جنگ جي حڪمت عملي اختيار ڪرڻي پوندي. ان حقيقت کان انڪار ناهي ته ڊگهي عوامي جنگ انقلابي تحريڪ لاءِ سازگار حالتون پيدا ڪري ۽ طاقت جي توازن ۾ بنيادي تبديلي آڻي سگهجي ٿي. پر اهڙي تبديلي آڻڻ لاءِ جيڪا قرباني، عزم ۽ جدوجهد گهربل آهي، ان کي مدنظر رکندي ۽ وقت جي عنصر کي مدنظر رکندي، اها مذاق ٿيندي، جيڪڏهن اسان ان تبديليءَ کي آڻڻ لاءِ گهربل وسيلن ۽ هٿيارن جهڙوڪ پاڪستان جي ٻين مظلوم قوميتن ۽ طبقن جي ساٿ کان سواءِ پنهنجي طور تي ان (تبديليءَ) کي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. جيڪڏهن بلوچ انقلاب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ انقلابي تحريڪ نہ هجي ها ان معنيٰ ۾ تہ اهو هڪ سامراج دشمن تحريڪ نہ هجي ها، جيڪڏهن اهو رڳو هڪ نيشنل شاونسٽ تحريڪ هجي، بنيادي سماجي اقتصادي تبديليءَ جي پروگرام کان سواءِ رڳو هڪ آزاد بلوچ رياست جي مقصد واري، تہ اهو مقصد بہ پاڪستاني فوج جي شڪست کان سواءِ حاصل ٿيڻ ناممڪن آهي.

مثال طور بلوچستان جي معاملي ۾ اسان ان امڪان کي رد نٿا ڪريون تہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪن حالتن ۾ بلوچ قومي جدوجهد سامراج نواز علائقائي اسڪيم جي مددگار ثابت ٿئي. بنگلاديش ان جو هڪ بهترين مثال آهي جتي ڪميونسٽ تحريڪ مڪمل طور قومي آزادي جي تحريڪ جي مخالفت ڪئي. اها مخالفت بهرحال بنگلاديش ۾ قومي آزاديءَ جي تحريڪ جي واڌاري کي تہ روڪي نہ سگهي چاڪاڻ تہ سماجي ترقيءَ جي قانون مطابق اها هڪ اڻٽر ڳالهہ هئي. البتہ ان بنگلاديش جي بورزوا ۽ سيٺي بورزوا قيادت کي قومي آزاديءَ جي جدوجهد تي مڪمل ڪنٽرول حاصل ڪرڻ جو موقعو فراهم ضرور ڪيو. هتي ڏوهانجي آڏو هڪ اهڙو مثال آهي جتي ترقي پسند تحريڪ قومي سوال کي سامراج ۽ ڇي هٿن ۾ ڏيڻ جي ذميوار آهي. اچو تہ مسئلي جو هڪ ٻئي لحاظ کان جائزو وٺون. اسان جو ايمان آهي،

به شامل هوندا جيڪي ڪن تاريخي واقعن جي نتيجي ۾ موجوده علائقي ۾ داخل ٿيا.

ريمنڊ نوٽ: ته پوءِ اها هڪ جهڙائي فلسطيني/ اسرائيلي مسئلي لاءِ ڪهڙي حيثيت رکي ٿي؟

مراد خان: ان جو مطلب اهو آهي ته توهان کي ماڻهن جي باري ۾ ۽ تاريخي نتيجن جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪرڻي پوندي. جيڪڏهن اڄ اسرائيل ۾ ڏيهه لک ماڻهو آهن، ته توهان کي ان سياسي، سماجي ۽ اقتصادي رول بابت ڄاڻ رکڻي پوندي جيڪو اهي ڏيهه لک ماڻهو مستقبل جي فلسطيني رياست ۾ ادا ڪندا. اسان پنهنجي تحريڪ جي حڪمت عمليءَ جو بنياد هڪ سوشلسٽ ڊيموڪريٽڪ رياست اندر مختلف قومين ۽ مظلوم طبقن جي ڪنفيڊريشن خاطر جدوجهد ۾ پاڪستان جي مختلف مظلوم اقليتن ۽ مجموعي طور مظلوم طبقن جي هڪ يونائيٽيڊ فرنٽ تي يقين رکون ٿا. ان پس منظر ۾ اسانکي واضع نموني نشاندهي ڪرڻي پوندي ته انهن هڪ ڪروڙ ڏارين ۾ ڪير اسان جو دوست آهي ۽ ڪير دشمن.

فلسطيني تحريڪ جي ناڪامي اها آهي ته اسرائيل جي موجوده هٿرادو رياست اندر رهندڙ انهن ڏيهه لک ماڻهن جي حقن کي جيئوٽيڪ ذهني ۽ نظرياتي طور ان مڃيو آهي پر سياسي سطح تي ڪنهن به نموني ان مڃتا جو اظهار نه ڪيو آهي. اسرائيلي آباديءَ جي ڪجهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١) ايريٽريائي سوال:
هڪ بيٺڪي سوال آهي

(٢) ايريٽريا جي آزادي:
واحد صحيح موقف

ايريٽريا - ايٿوپيا لاڳاپن جي سوال بابت آمريڪا ۾ رهندڙ ايٿوپين شاگردن جي تنظيم جي موقف جي جواب ۾ آمريڪا ۾ رهندڙ ايريٽرين شاگردن ۽ ايريٽرين عورتن جي تنظيمن پاران شايع ڪيل ٽيسز جا ٻه باب.

# ايريٽريائي سوال

## هڪ بين الاقوامي سوال آهي

گذريل باب ۾ اسان (اهو) ذڪر ڪيو ته ايريٽريا 1952 کان وٺي غير ملڪي يعني ايٿوپيائي قبضي جو شڪار آهي. هينئر اسان اهو ذڪر ڪنداسين ته ايريٽريا تي ايٿوپيا جي قبضي کي بين الاقوامي قبضو چوڻ ڇو صحيح ٿيندو.

جيئن اسان اڳ ۾ ٻڌايو آهي، ايٿوپيا جي جاگيردار انتظاميه، امريڪا جي زير قيادت سامراج جي ڇٽيءَ تي، ان جي مڪمل حمايت سان ۽ ان جي مفادن خاطر ايريٽريا تي قبضو ڪيو ۽ پاڻ سان ملائي ڇڏيو. جيتوڻيڪ رسمي بين الاقوامي اختيار ايٿوپيائي حڪومت جي هٿ ۾ آهي پر اصل ۾ اهي سامراجي ڌريون آهن، خاص ڪري امريڪي سامراج جيڪي ملڪ (ايريٽريا) جي وسيلن جو استعمال ڪري رهيا آهن، جن پنهنجا فوجي اڏا تعمير ڪيا آهن ۽ ملڪ کي پنهنجي اڳين (جنگي) چونڪي بڻائي ڇڏيو آهي. ايٿوپيائي حڪومت رڳو سامراج پاران ايريٽريا تي بين الاقوامي غلبي ۾ هٿيار جو ڪم ڏيئي رهي آهي. تنهن ڪري ايريٽريا تي ايٿوپيا جي

قبضي ڪين بيٺڪي قبضو ۽ ايريٽوياڻي سوال، ڪي بيٺڪي سوال ۾ چوڻ ٺي درست ٿيندو.

(فوجي) جنتا ۽ سمورا ايٿوپياڻي شاونسٽ ايريٽرياڻي سوال جي بيٺڪي تشريح جي سخت مخالفت ڪري رهيا آهن ۽ پنهنجي مخالفت کي جائز ثابت ڪرڻ لاءِ پروپيگنڊائي مواد جو هڪڙو سلسلو شروع ڪري ڇڏيو اٿن. مثال طور جنتا جي سوشل شاونسٽ نظريه دانن جو ترجمان اديس فانا (Addis Fana) گوهر افشاني ڪندي لکي ٿو ته "ايريٽرياڻي محاذن * جي انهن 'دليلن' کي ته ايريٽرياڻي سوال هڪ بيٺڪي سوال آهي، ڪي بنياد ثابت ڪرڻ ته ڏاڍو آسان آهي- ايترو ئي ڪافي آهي ته بيٺڪيت جي سائنٽفڪ وصف پيش ڪئي وڃي جيڪا اها آهي ته بيٺڪيت سرمايه داريءَ جي پيداوار آهي. جيئن ته ڪنهن قسم جو سرمايو ايٿوپيا کان ايريٽريا برآمد نٿو ڪيو وڃي، تنهن ڪري ايريٽرياڻي سوال بيٺڪي ناهي."

ايسونا (Esuna) ∅ اندر غالب سوشل شاونسٽ ٽولي پڻ ايريٽرياڻي سوال جي بيٺڪي قبضي واري درست

---

* ان منجهان مراد آهي ايريٽرين لبريشن فرنٽ (E L F) ۽ ايريٽرين پيپلز لبريشن فرنٽ (EPLF).

∅ اتر امريڪا ۾ ايٿوپياڻي شاگردن جي تنظيم EthioPian Student's Union in North America (مترجم)

ته يا ان خيال کي رد ته ڪري، اهو رڳو ڪتابي نه پر اصولي اهميت جو سوال آهي. ان سان پٺيو پوندو ته ڪير اڄوڪي دنيا جي بنيادي تضادن جي تت بابت پرولتاريه انقلابي نظريه جي حمايت ته ڪري يا ان کي رد ته ڪري؛ اهو سوال پڌرائيندو ته ڪير سامراجي دور جي خصوصيتن بابت مارڪسي ليننني تجزيي کي مڃي ته يا ان جي مخالفت ته ڪري. اهو سوال پڌرائيندو ته ڪير ”بيٺڪيت“ بابت مارڪسي ليننني نظريي کي مڃي ته يا رد ته. ڪري آخر ۾ اهو سوال پڌرائيندو ته ڪنهن اڄ جي ايشيائي سماج جي خاصيتن کي سمجهيو به آهي يا نه“.

ڏاهيو سٺو: اسان ان سان اتفاق ٿا ڪريون ۽ اسان ثابت ڪنداسين ته اهي رڙيون ڪندڙ خود ئي آهن، جيڪي سامراجي دور جي خصوصيتن بابت مارڪسي-ليننني تجزيي جي مخالفت ٿا ڪن ۽ بيٺڪيت بابت مارڪسي ليننني نظريي کي رد ٿا ڪن، ۽ جيڪي عملي طور گڏيندڙ (Annexationists) ۽ ڇٽا سوشل شاونسٽ ئي پيا آهن.

## بيٺڪيت جو مارڪسي ليننني نظريو

بيٺڪيت ڇا آهي؟ ان جي شروعات ڪڏهن کان ٿي تاريخ جي مختلف سماجي اقتصادي نظامن تحت ڪهڙيون مختلف بيٺڪي پاليسيون رهيون آهن؟ مارڪسزم ليننزم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڌيڪ، جنهن صنعتي انقلاب جي نتيجي ۾ تمام وڏي
پيماني تي ۽ تمام سستو سامان تيار ڪرڻ شروع ڪيو.
1808 ۾ برطانيه برازيل جي بندرن کي سڌي انگريز
واپار لاءِ کولڻ تي مجبور ڪيو. 1825 ۾ برازيل آزاديءَ
جو اعلان ڪيو. هڪ پرتگالي ليکڪ اسرندڙ پرتگالي
صنعت تي انهن واقعن جي اثر جو ذڪر هن ريت ڪيو
آهي: ”پنهنجي صنعتي پيداوار لاءِ مختلف مارڪيٽ جي
وڃائڻ سان جيڪو خاص ڪري برازيل ۾ هئو، ۽ خود
پرتگال ۾ غيرملڪي تيار مال جي مقابلي بازيءَ کي
روڪڻ ۾ ناڪاميءَ سان اسان پاڻ پنهنجي ڪارخانن
کي عملاً تباهه ڪيو“.

تنهن ڪري اسان ڏسون ٿا ته اڻويهين صديءَ جي
پهرين چوٿائيءَ تائين پرتگال ۾ ڪابه قابل ذڪر صنعت
ڪانه هئي ۽ اهو سرمايه دار ملڪ ڪونه هئو. پري-
ڪئپيٽلسٽ (سرمايه داريءَ کان اڳ جي) پيداوار جو
پرتگال تي وڏي پيماني تي غلبو هئو. پرتگال جي
بينڪي پاليسيءَ جا اهم جزا آفريڪا کان غلامن جو
واپار سون ۽ چانديءَ جي ڦرلٽ ۽ برازيل کان تماڪ
۽ کنڊ جي برآمد هئا. ان جي بدلي ۾ پرتگالي تيار
ٿيل شيون نه پر برطانوي تيار ٿيل شيون بينڪن
ڏانهن موڪليون وينديون هيون (۽ خود پرتگال ۾
استعمال ٿينديون هيون).

اڻويهين صديءَ جي آخر ۾ جڏهن سرمايه داري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄوڪي صورتحال ۾ سامراج محڪوم ملڪ ۾ مداخلت لاءِ هيٺين طريقن کي ترجيح ٿو ڏئي، اٿي سول وار (خانہ جنگيءَ) کي منظم ڪرڻ، انقلاب جي مخالفت ۾ انقلاب دشمن قوتن جي مالي مدد ڪرڻ، پنهنجي ايجنٽن جي اخلاقي ۽ مالي مدد ڪرڻ".*

جينوٽيڪ جديد بينڪيتي ارجنٽين ويهين صديءَ جي شروعات وقت مروج طريقي ڪان مختلف هئو پر جديد بينڪيت سامراج جي بينڪي غلبي جو اهم روپ ٻي عالمي جنگ ڪانپوءِ ورتو، ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني امريڪا جي ملڪن هڪ ٻئي پٺيان قومي آزادي حاصل ڪئي پر تقريباً سا ڳئي وقت انهن کي جديد بينڪون ٻڌايو ويو، فوجي ۽ اقتصادي "امداد" جي نالي ۾ سامراجي ملڪن "آزاد" ملڪن ڏانهن سرمايي ۽ جنسن جي برآمد شروع ڪئي، پنهنجا فوجي اڏا قائم ڪيا، لڪل غدارن ۽ ايجنٽن جي پالنا ڪئي ۽ (اهڙيءَ ريت) انهن ملڪن کي غلام بڻايو. سامراجي طاقتن "آزاد" ملڪن جي اندروني معاملن ۾ وحشيانه مداخلت ڪئي ۽ پنهنجي وسيع جديد نوآبادياتي شهنشاهيت کي برقرار رکڻ لاءِ سياسي ڌوڪي بازيءَ سان گڏوگڏ فوجي مهم جوئيءَ کي پڻ استعمال ڪيو.

جينوٽيڪ جديد بينڪيت بلاشڪ ٻي عالمي جنگ کان پوءِ جي دور ۾ سامراجي غلبي جو سڀ کان وسيع

---

* اسٽالن "چيني انقلاب بابت"

قرار ڏنو ويو. بهرحال جيئن پڻ آفريڪنسٽ ڪانگريس جي هڪ دستاويز ۾ چيو ويو آهي: "هڪ غير ملڪي سفيد اقليت کي هڪ طرفي نام نهاد آزادي ڏيڻ کي ڊيڪالونائيزيشن (بيٺڪي نظام جو ٽٽڻ) جو عمل ڪوٺڻ هڪ پر بيٺڪي اختيار جي منتقلي هئي جنهن سفيد حڪومت لاءِ ڊومينين مرتبي جي صورت اختيار ڪئي".

ڪومنٽرن جي ڇهين ڪانگريس (192٨). پڻ ڏکڻ آفريڪا بابت ساڳيو تجربو پيش ڪيو: "ڏکڻ آفريڪا بيٺڪي قسم جو هڪ برطانوي ڊومينين آهي- سرمائيدارانه پيداواري رشتن جي ترقيءَ برطانوي سامراج کي ڏکڻ آفريڪا جي سفيد بورجوازيءَ جي مدد سان ملڪ جي اقتصادي استعمال جاري رکڻ ۾ مدد ڏني آهي.... بهرحال ان سان ڏکڻ آفريڪا جي اقتصاديات جو عام بيٺڪي ڪردار تبديل ڪونه ٿو ٿئي ڇاڪاڻ ته برطانوي سرمائي جو اڃا به ملڪ جي اهم اقتصادياتي پوزيشنن تي قبضو آهي .... ۽ ڇاڪاڻ ته نيگرو آباديءَ جي بيرحمانه استحصال ۾ ڏکڻ آفريڪي بورجوازيءَ کي به اوتري ئي دلچسپي آهي .... غير ملڪي استحصالن تشدد ذريعي ملڪ تي قبضو ڪيو ۽ مقامي ماڻهن کان زمينون ڪسيائون"-

ڪومنٽرن جو تجزيو بلڪل واضح آهي- جيتوڻيڪ ڏکڻ آفريڪا کي "آزاد" قرار ڏنو ويو، ڏکڻ آفريڪا جا ڪارا باشندا اڃا تائين بيٺڪي ڏاڍ جو

عوام جي بهادرانه مزاحمت انڊونيشي جارحن کي ملڪ جي ويهه سيڪڙو رقبي (جنهن ۾ ڳاديءَ جو شهر دلي شامل آهي) کان وڌيڪ تي قبضو ڪرڻ نه ڏنو آهي) سهارتو جي فاشسٽ حڪومت مشرقي تيمور کي انڊونيشيا جو ”ستاويهون صوبو“ قرار ڏيئي ڇڏيو آهي ۽ پنهنجي قبضي کي قانوني شڪل ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي.

تقريباً ساڳيوئي عمل مغربي صحارا ۾ دهرايو ويو. اسپين جي بيٺڪي راڄ خلاف ڪئين سالن جي جدوجهد ڪانپوءِ 1975 ۾ پوليساريو (Polisario) جي زيرقيادت صحرائي عوام پنهنجي قومي آزادي حاصل ڪرڻ وارائي هئا جڏهن صحارا جي فاسفيٽ جي ذخيرن ۾ پنهنجي زبردست مفادن جي حفاظت لاءِ پريشان سامراجين مراڪش ۽ ماريطانيه جي رجعت پسند حڪومتن کي جن جا پنهنجا صحارا جي خلاف توسيع پسندانه ارادا هئا. ملڪ (صحارا) تقسيم ڪرڻ ۽ پاڻ سان ملائڻ لاءِ اڪسايو.

نومبر 1975 ۾ اسپين پاڻ کي مغربي صحارا تي بيٺڪي راڄ برقرار رکڻ جو نااهل سمجهندي اسپين، مراڪش ۽ ماريطانيه وچ ۾ ٽيل ته ڏرئي. ميڊرڊ معاهدي تحت بيٺڪي اختيار منتقل ڪيو. ان ئي معاهدي مغربي صحرا جي فاسفيٽ ۾ امريڪا جي سامراجي مفادن کي تحفظ فراهم ڪيو. مراڪش جيڪو اتر آفريڪا ۾ امريڪي لاڳت جو اهم مرڪز آهي ۽ جنهن جي شهر

سامراجي استحصال جو تحفظ ڪن ۽ ان خدمت جي بدلي ۾ سامراجي طاقتن کان "ڪميشنون" وصول ڪن.

رڳو اهي ماڻهو جيڪي غير طبعي سوچ رکن ۽ ڏکڻ آفريڪا ۽ نميبيا، انڊونيشيا ۽ مشرقي تيمور، مراڪش ۽ صحارا، ايٿوپيا ۽ ايريٽريا کي مالي سرمائي جي دنيا کان ۽ ان جي وابسته بيٺڪي پاليسيءَ کان الڳ ڪري ڏسن سي ئي اهو دليل ڏيئي سگهن ٿا ته: "هڪڙو نيم جاگيردار، نيم بيٺڪي ملڪ ڪيئن ٻئي کي ڪالوني بڻائي سگهي؟"

ايسونا شاونسٽ ايريٽريا بابت پنهنجي گڏائڻ واري موقف کي صحيح ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ سامراج جي بيٺڪي پاليسيءَ بابت لينن جي تجزيي کي بگاڙڻ تي لهي آيا آهن. پر رڳو اتي بس ڪانه ٿي. اهي ايترو ته هوا ۾ پرجي ويا آهن جو دعوا ڪن ٿا ته "ڪو به محنت ڪش طبقي جو حقيقي سوشلسٽ ملڪ ايريٽريا ۽ اهڙن ٻين سوالن کي بيٺڪي چئي نٿو سگهي". بهرحال حقيقتون ايسونا وارن جي انهن دعوائن کي رد ڪن ٿيون. اچو ته ڪجهه مثال ڏسون:

(١) ڪميونسٽ پارٽي آف انڊونيشيا (PKI) مشرقي تيمور تي انڊونيشيا جي قبضي کي بيٺڪي قبضو ٿي سڏي.

(٢) نميبيا تي ڏکڻ آفريڪا جي قبضي کي سڀئي سوشلسٽ ملڪن ۽ مارڪسسٽ- لينسٽ پارٽيون ۽ تنظيمون

مارڪسزم، ليننزم بابت پنهنجي ڄاڻ جون لپاڙون هڻڻ ۽ پين تي مارڪسزم کي نه پڙهڻ جي تنقيد ڪرڻ کان ڪڏهن به بس ڪونه ٿا ڪن، تنهن ڪري اسان آسانيءَ سان چئي سگهون ٿا ته اهي انهن حقيقتن کان پوريءَ ريت باخبر آهن. پر جيئن ته اسان اڳ ۾ ٻڌائي آيا آهيون، ايريٽريا تي پنهنجي حڪمران طبقن جي زوري قبضي کي ڏڪڻ جو شوق کين مارڪسزم، ليننزم، تاريخ ۽ خود حقيقتن کي ٽوڙي مروڙي پيش ڪرڻ تي مجبورتو ڪري.

## ايريٽريا جي آزادي - واحد صحيح موقف

اسان مٿي ڏيکاري آيا آهيون ته ايريٽريا، ايٿوپيا جي ٻيڻڪي قبضي جو شڪار آهي جيڪو سامراج جي هٿي ۽ حمايت سان جاري آهي. هينئر اسان پنهنجي توجه ان سوال تي مرڪوز ڪنداسين ته صحيح موقف ڪهڙو آهي جيڪو ايريٽريائي سوال جي باري ۾ انقلابي قوتن کي اختيار ڪرڻ گهرجي.

۱- اينگلز، جنهن آئرلينڊ کي برطانيه جي پهرين ڪالوني تي سمجهيو، تنهن آئرش سوال تي بحث ڪندي چيو:
”جڏهن وسيع پيٽ آخرڪار هڪ رياست ۾ متحد ٿي ويو ته ان رياست آئرلينڊ کي مڪمل طور هضم ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي، جيڪڏهن هضم ڪرڻ جو اهو عمل ڪامياب ٿي وڃي ها ته ان جي (ورنل) سڄي وات تاريخ

ان ڏڪري ۾ لينن بيٺڪ جو لفظ رڳو ”اقتصادي معنيٰ ۾“ استعمال ڪو ڪري. هو روس جا ٻه علائقا ڪو ڪٿي — جن ۾ ٿي سگهي ٿو ساڳي قوميت آباد هجي — ۽ ٻنهي جي وچ ۾ بيٺڪي اقتصادي تعلق جو ذڪر ڪو ڪري جنهن مطابق هڪڙي کي ٻئي جي صنعتن لاءِ ڪچو مال پيدا ڪندڙ علائقو بڻايو ٿو وڃي. ٿي سگهي ٿو اتي ڪنهن قسم جو قومي-بيٺڪي سوال نه هجي، ڪا ظالم يا مظلوم قوم ملوث نه هجي. شايد ان ئي سبب ڪري ايسونا وارن ان لکڻي جو 'حوالو' ڏنو پر ”يورپي روس جا سرحدي علائقا“ جي جملي مان 'يورپي' جو نمايان لفظ حذف ڪري ويا.

ڪائوڪاسس، جتي مظلوم قوميتون آباد هيون، ان جو مخصوص ذڪر ڪندي لينن چوي ٿو: ”روس پاران ان تي اقتصادي ”فتح“ سياسي فتح کان گهڻو بعد ۾ ٿي“، جيڪا ان ڳالهه جي وڌيڪ وضاحت آهي ته هو بيٺڪيت جو رڳو اقتصادي مفهوم جو ذڪر ڪري رهيو هئو، تنهن ڪري صرف اقتصادي مفهوم ۾. بس هڪ ئي ملڪ جي (مختلف) علائقن جي وچ ۾ بيٺڪي تعلق جو تعين ٿي سگهي ٿو جيڪڏهن ان ۾ (اهڙو) قومي سوال ملوث ڪونهي جنهن کي بيٺڪي چئي سگهجي. روس بابت ڳالهائيندي لينن واضح ڪو ڪري: ”روس خاص ڪري ٻين سرمايه دار ملڪن جي ڀيٽ ۾ فائدي ۾ آهي ڇاڪاڻ ته سندس سرحدي علائقن ۾

۽ اهو ٻن پاڙيسري ملڪن جي وچ ۾ بيٺڪي تعلق آهي جڏهن ته ٻوئين صورت ۾ اهو هڪ ئي ملڪ اندر قومي - بيٺڪي ظلم جو سوال آهي. تنهنڪري سمورين بيٺڪن (پوءِ ڪٿي اهي بيٺڪي ملڪ کان سمنڊ ذريعي علحده هجن يا نه) وانگر ايريٽريا بابت به صحيح موقف غير مشروط آزاديءَ جي گهر ڪرڻ آهي.

ڇو سمورن ترقي پسند ماڻهن کي ۽ خاص ڪري ايٿوپين ترقي پسندن کي ايريٽرين آزاديءَ جي حمايت ڪرڻ کپي؟

پهريون ان ڪري ايريٽرين عوام جي جدوجهد سامراج کي ڪمزور تي ڪري ۽ ان جو زوال تي آڻي، ان کي مضبوط يا محفوظ ڪونه تي ڪري. اسان ثابت ڪري آيا آهيون ته ايريٽريا تي ايٿوپيائي جاگيردار حڪومت جو قبضو سامراج جي مفادن ۾ ڪيو ويو هئو. ايٿوپيائي قبضي ايريٽريا تي پنجويهن سالن تائين پنهنجي حڪمراني رکيو ان ڪري برقرار رکي سگهيا جو ڪين امريڪي سامراج ۽ اسرائيلي زيونزم جي ڀرپور پٺڀرائي حاصل هئي جن کين هٿيارن سان سٿي ڇڏيو ۽ سندن فوجن کي تربيت پڻ ڏني. اهڙيءَ ريت ايريٽريائي عوام جي جدوجهد شروع کان ئي ڪالونيلزم (بيٺڪيت)، امپريلزم (سامراجيت)، زيونزم (يهوديت) ۽ فيوڊلزم (جاگيرداريءَ) جي خلاف برسرپيڪار آهي. ايريٽريائي جدوجهد عملي طور سامراج تي گهرا وار ڪيا آهن ۽

ڏني ڪري: اهَا يقيناً مستحڪم، غير مبهم ۽ غير متزلزل حمايت جي مستحق آهي.

فرض ڪجي جيڪڏهن ايريٽريائي سوال هڪ بينالاقوامي سوال نه پر ايٿوپيا جي اندر هڪ مظلوم قوميت جو سوال آهي، پوءِ به مٿي بيان ڪيل دليلن مان ثابت ٿو ٿئي ته ايريٽريا بابت واحد صحيح موقف اهو ٿيندو ته آزاديءَ جي حمايت ڪجي. ايسونا موشل شاؤنسٽ اهو ثابت ڪرڻ جي اجائي ڪوشش ٿا ڪن ته ايريٽريائي سوال ايٿوپيا جي اندر مظلوم قوميت جو هڪ سوال آهي ۽ سندس حق خود اختياريءَ جي استعمال، آزاديءَ جي حمايت ڪجي يا مخالفت، جو صحيح انداز ۾ تجزيو ڪيو وڃي، پر اڃا آهي هن سوال جو سڌو جواب ڏيڻ کان پري ٿا ڀڄن.

ايسونا وارا ايريٽريا جي آزاديءَ جي حمايت ٿا ڪن يا مخالفت؟ ايريٽريا جي آزاديءَ جي حق ۾ جد وجهد ٿا ڪن يا ان جي مخالفت ۾؟ ان سوال جو جواب لاڏيندي ايسونا شاؤنسٽ لڪن ٿا.

علحدگيءَ جي حق جي حمايت ڪندي مارڪسزم ليننزم علحدگيءَ جي هڪ مخصوص مطالبي جي حق ۾ ڪوشش ڪرڻ، ان جي مخالفت ۾ ڪوشش ڪرڻ يا ان لاءِ منفي حمايت جي اظهار جو حق محفوظ ٿو رکي".

آزاديءَ لاءِ هڪ مخصوص گهر جي سلسلي ۾ پروليتاريه

سطح تائين گهٽائڻ آهي. ان صورت ۾ اسان الحاقسي (Annexationists) سڏياسين ڇو ته (ائين ڪندي) اسان اناج کي عارضي حڪومت جي چڪيءَ تائين ٿا پهچايون يا وري اسانکي فنليند جي آزاديءَ جو پاسو وٺڻ کپي. اسانکي واضع نموني ڪنهن هڪ پاسي تائين کپي. اسان پاڻ کي رڳو حقن بابت بيان تائين محدود رکي نٿا سگهون". *

ان مان صرف ظاهر آهي ته ايسونا شاونسٽن پاران هڪ بخصوص مطالبي لاءِ منفي حمايت" وارو منافقانه رويو ايريٽريا جي آزاديءَ جي حمايت يا مخالفت ڪرڻ بابت واضع موقف وٺڻ کان سندن انڪار کي لڪائڻ جي هڪ ڪوشش آهي. ان مان اهو مطلب نه ڪڍڻ گهرجي ته ان مسئلي تي هنن جو ڪو موقف آهي ئي ڪونه. ايسونا وارا ايريٽريا جي آزاديءَ جا سخت مخالف آهن پر ان جو کليل عام اظهار ڪرڻ کان ڊڄن ٿا. اسانجي خيال ۾ ايسونا شاونسٽ ايريٽريا جي آزاديءَ جي مخالفت ان ڪري ٿا ڪن جو ايريٽرين جدوجهد ڏانهن هنن جو نهايت منفي ۽ دشمناڻو رويو آهي. اهو ته انهن چئن ڪارڻن کي ڪٺو ڪن جي ڪري اسان پڌايون ته ايريٽريا جي آزاديءَ جي حمايت ڪرڻ کپي ۽ ڏسون ته ايسونا وارن جو انهن تي ڪهڙو موقف آهي.

* اسٽالن: مارڪسزم ۽ قومي-ديهڪي سوال.

ڏکي... سندن چوڻ مطابق ايريٽريا جي آزاديءَ وارا مجاهد ”ايريٽريا ۽ ايٿوپيا جي مظلوم ۽ محنت ڪش عوام جي وچ ۾ تفريق جي حمايت ٿا ڪن“ ۽ سلطان علي ميراح منجيشا لئين ۽ ٻين باقي بچيل (ايٿوپيائي) جاگيردارن سان تعاون ٿا ڪن جيڪي ايريٽرين ۽ ايٿوپين عوام جا دشمن آهن.

(4) شاونسٽ دعوا ٿا ڪن ته ايريٽريا جي جدوجهد علائقي جي انقلابي تحريڪ کي هٿي ڏيڻ ٿي ڏسي جاڪان ته اها ”وسيع عالمي پرولتاريه انقلابي متحده محاذ“ جو حصو ناهي... بلڪه... سندس حمايت جا خاص ذريعا وچ اوڀر جون ڪجهه غدار جاگيردار ۽ بورجوا قوم پرست حڪومتون آهن جن ۾ سعودي عرب، ڪويت ۽ ليبيا نمايان آهن“.

اسان انهن الزامن ۽ گلاڇوريءَ جي ڪنگالپڻي کي اينديڙ باب ۾ تفصيل سان اُگهاڙو ڪيو آهي. هتي اسان انهن جو حوالو رکيو اهو ڏيکارڻ لاءِ ته ڏيون ته ڪيئن ايسونا ايريٽريا جي آزاديءَ جي مخالفت ڪرڻ وقت ”حمن“ ۽ ”منفي حمايت“ جي موقع پرستانه ۽ منافقانه بيانن ۾ پناه ٿي وٺي.

ايسونا وارا چون ٿا ته ”بالشويڪن جو تاريخي تجربو اسانکي سيکاري ٿو ته عمومي طور ۽ خصوصي رياست جي سمورن پرولتارن کي پوءِ ڪٿي مظلوم قومون ظلم جي هيٺ ڪي طريقي جو شڪار هجن يا نه، واحد

شاونسٽن وانگر اهو مطالبو ڪرڻ ته ڏکڻ آفريڪي ۽ زمبابئي، انڊونيشيائي ۽ تيموري، ايريٽريائي ۽ ايٿوپيائي پرولتاريه کي هڪ واحد پارٽي ۾ منظم ڪيو وڃي ۽ خودمختيار سياسي پارٽيون نه هجن، لاءِ نميبيا ۽ ايريٽريا وغيره جي مارڪسي ليننسٽ قوتن کي "ڊازيل ۽ "پيٽي بورجوا نيشنلسٽ" چئي نندڻ بلڪل غلط آهي.
اهو ته درست آهي ته ايريٽريائي ۽ ايٿوپيائي، انڊونيشي ۽ تيموري، صحرائي ۽ مراڪشي انقلابين وچ ۾ قريبي اتحاد هجڻ کپي ۽ هر هڪ ملڪ جي پنهنجي ملڪ تي جارحيت جي نتيجي ۾ پاڻ کي ڪرڻ ته انهن کي هڪ واحد تنظيم ۾ منظم ڪيو وڃي، بلڪل غلط ۽ شاونسٽ سوچ آهي."

اي-پي-ايل-ايف ايٿوپيائي عوام جي انقلابي تحريڪ سان انهن جي تعلقات برقرار رکڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيو آهي. ايريٽريا اندر اهو "قومي اڪيلائي، تنگ نظري ۽ دوري" جي خلاف جدوجهد تو ڪري ۽ عوام کي سيکاري ٿو ته اهي ايريٽرين جدوجهد ۽ ايٿوپين عوام جي جدوجهد وچ ۾ گهري ڳانڍاپي کي نظر ۾ رکن ۽ ايريٽريائي جدوجهد کي تمام ترقي پسند رجعت پسندن خلاف عالمي انقلابي جدوجهد جو لازمي حصو سمجهن.

ساڳئي وقت اي-پي-ايل-ايف (جنهن ۾ مارڪسٽ-ليننسٽن کي غلبو حاصل آهي) مارڪسزم-لينزم کي

عوام ۾ پکڙجي رهيو آهي، مزدورن، هارين ۽ انقلابي دانشورن منجهان طبقاتي شعور رکندڙ ڪيڊر تيار ڪري رهيو آهي ۽ مارڪسسٽ-لينسٽن لاءِ پنهنجي پارٽي ٺاهڻ ۽ مستحڪم ڪرڻ واسطي شاندار حالتون پيدا ڪري رهيو آهي.

ايسونا وارا رکيو پنهنجي جتي سوشل شاونزم کي ظاهر ٿا ڪن جڏهن اهي ايريٽريائي انقلابين جي انهن ڪوششن کي ”رهزني“، ”پيٽي بورجوا ڊيشنلزم“ چئي ننڍن ٿا.

# صحت نامو

| صفحو | سٽ | غلط | درست |
|---|---|---|---|
| ١ | ٨ | ن | ان |
| ٩ | ١٩ | تسنيخ | تنسيخ |
| ١٢ ب | ١٥ | اير يٽر ياجي.... منجهان | اير يٽر ياجي حالتن منجهان |
| ١٩ | ١٥ | بوچستان | بلوچستان |
| ٢٢ | ٤ | ونن | ونڻ |
| ٢٥ | ١٣ | دي | ڏي |
| ٢٦ | ٤ | اقدار | اقتدار |
| ٢١ | ١٨ | ستي | سڌي |
| ٢٨ | ٩ | طقت | طاقت |
| ٣١ | ٦ | اخار | اخبار |
| ٣٥ | آخري سٽ | دبلوچي | بلوچي |
| ٣٦ | ٥ | قانوني | ،قانوني |
| ٣٨ | آخري سٽ | ڪ رروائي | ڪارروائي |
| ٣٨ | ” | ازخو | ازخود |
| ٣٩ | ١٩ | ست | سات |
| ٤١ | ١ | وڌيڪ | — |
| ٤١ | ١٤ | (1972-72) | (1972-73) |
| ٤٥ | ٦ | رڏو | ڪرڏو |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| صفحو | سٽ | غلط | درست |
|---|---|---|---|
| ٤٦ | ٨ | اٿر | اثر |
| ٤٧ | ١٥ | ڪري | — |
| ٤٨ | ٨ | پيروماسڪو | پروماسڪو |
| ٥٠ | ٦ | تم م | تمام |
| ٥٠ | ١٠ | Poreigrer | Foreigner |
| ٥١ | ٢١ | ثقافتن | ثقافتن |
| ٥٣ | ٢١ | چ ڏو | چاڏو |
| ٥٥ | ٤ | مرقعو | موقعو |
| ٥٦ | ٢٠ | ٿسيز | ٿيسز |
| ٥٦ | ٢٢ | ٿابت | ثابت |
| ٦٤ | ١٦ | اسان | امان |
| ٦٦ | ٨ | اجاد | اتحاد |
| ٦٧ | ٢٠ | ڪوڙي | ڪهڙي |
| ٦٩ | ١٠ | اسڪيم | اسڪيم |
| ٧٠ | آخري سٽ | Dualisum | Dualism |
| ٧١ | ١٥ | ٻٽائي — | ٻتائي — |
| ٧٥ | ٩ | مارڪسٽ | مارڪسٽ |
| ٨١ | ١ | ۾ | — |
| ٩٠ | ١ | ٻاڪل ٻٽي | ٻاگل ٻٽي |
| ٩٠ | ١٣ | هتائق | هتائق |
| ٩١ | ٥ | ايسوناٽي | ايسوناٽي |
| ٩٣ | ١٢ | Annexationisun | Annexationism |
| ٩٣ | ١٨ | — | — |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| صفحو | سٽ | غلط | درست |
|---|---|---|---|
| ٩٤ | ١ | ڪتاي | ڪتابي |
| ١٠٢ | ١٠ | پروٽيڪ ريٽ | پروٽيڪٽوريٽ |
| ١٠٥ | ٩ | اينگلز | اينگز |
| ١٠٨ | ١١ | ”ماد“ | ”مادر“ |
| ١٠٨ | ٢٣ | پرتگال | پرتگال |
| ١٠٩ | ٧ | خق | حق |
| ١١٢ | آخري | تنيجي | نتيجي |
| ١١٨ | ١٤ | ڪالوتيل | ڪالونيل |
| ١١٩ | ٥ | فيد | مفيد |
| ١٢٤ | ٢١ | زميبيا | نميبيا |
| ١٢٥ | ١٧ | Annexatioist | Annexationist |
| ١٣٨ | ١٩ | Annexationet | Annexationist |

هي ڪتاب رتن پريس ڪراچي مان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

O........... اسانجي خيال ۾ قومي خود اختياريءَ جو حق هڪ اهڙو ناقابل منتقلي حق آهي جيڪو سمورين قومن سان لاڳو ٿيڻ کپي قطع نظر ان جي ته مظلوم قوميت جي سياسي جدوجهد جي جوڙجڪ ڪهڙي آهي.

O........... خود اختياريءَ جو حق جيڪڏهن ان کي طبقاتي جدوجهد سان ملايو وڃي، پوءِ به اهو مظلوم قوميت کان ان جو آزاديءَ جو حق نٿو کسي.

BPLF : مراد خان

O........... جيتوڻيڪ رسمي بيٺڪي اختيار ايٿوپيائي حڪومت جي هٿ ۾ آهي پر اصل ۾ اهي سامراجي ٽي آهن، خاص ڪري امريڪي سامراج جيڪي ملڪ (ايريٽيريا) جي وسيلن جو استحصال ڪري رهيا آهن. جن پنهنجا فوجي اڏا تعمير ڪيا آهن ۽ ملڪ کي پنهنجي اڳين (جنگي) چونڪي بڻائي ڇڏيو آهي.

EPLF

قومي غلامي: قومي سوال يا بيٺڪي سوال؟ خالق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڪِ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، کُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن به رُڪاوٽ کي نه مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهه ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي ڄڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهه پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اجڪلهه نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ ته ”هاڻي ويڙهه ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻجاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)